گرو رجنيش جا ليڪچرز

# زندگي هڪ ناچ، هڪ نغمو

سنڌيڪار/ منير سولنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زندگي هڪ ناچ، هڪ نغمو

ڳرو رجنيش/ منير سولنگي

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ

2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: زندگي هڪ ناچ، هڪ نغمو
ليکڪ: گرورجنيش
سنڌيڪار: منير سولنگي
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2001ع
ڪيليگرافي: محمد عرفان صديقي
ڪمپوزنگ : ناز ڪمپوزرس
دڪان نمبر 4 سيد آرڪيڊ عبرت گهٽي
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.

قيمت - /60
سٺ روپيا فقط

سنڌي ساهت گهر ڪتاب نمبر 124

ZINDGI- HIK- NAGHMO- HIK- NAACH
By: GURO RAJNESSH
Translated by: Muneer Solangi
Published by: NAZ SANAI
SHOP NO: 4 SYED ARCED IBRAT LINE
GHARI KHATO HYDERABAD SIND.
Book No.124- JULY 2001
Per Copy: Rs: 60/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻه اکر

سنڌي ساهت گهر طرفان مئي ۾ گرو رجنيش جي ليڪچرن تي مشتمل منير سولنگيءَ جو ترجمو ڪيل شاندار ڪتاب(مجاز کان حقيقت)لائق پڙهندڙن تائين پهچائي رهيا آهيون. ساڳئي ڪتاب جا ٽن مختلف پبلشرن طرفان ايڊيشن بازار ۾ پهتا. اسان کي خوشي آهي تہ سنڌي زبان جا پڙهندڙ ترجمن جي فرق ۽ اهميت کان بخوبي واقف آهن ۽ مُنير سولنگيءَ جي ترجمن کي اهميت ڏئي رَهيا آهن- گرو رجنيش جي ليڪچرن جو ٻيو ڪتاب زندگي هڪ ناچ هڪ نغمو بہ پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هائي اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ منير سولنگيءَ جي ڪيل ترجمي کي هو ڪهڙي نظر سان ٿا ڏسن.

هن ڪتاب جو بہ هڪ اداري طرفان ايڊيشن اڳ ڇپجي چُڪو آهي. اسان پڙهندڙن کي فقط ان ڪتاب جي آخري صفحي تي ڏنل اشتهار پڙهي انهن جي سنڌي ٻوليءَ کان واقفيت جو اندازو لڳائين.

**ناز سنائي**

4- جولاءِ 2001

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وڇور


**باب پهريون:. شاهد، شهود ۽ مشهود هڪ آهي**

(١) – موت هارڪائي سگهي ٿو

(٢) – زندگي ڪاربان ڪاپيءَ کي قبول نٿي ڪري

(٣) – زندگيءَ جو حقيقي رس ۽ چس

**باب ٻيو:. محبت قرض نه آهي**

(١) – محبت هجڻ جي سهوليت

(٢) – دنيا ته عورت آهي

(٣) – جنسي سگهه ۽ غلامي

**باب ٽيون:. محبت کي غرض جا نيڻ نه وڻهو**

(١) – جيترو وڌيڪ توهان ڏيو ٿا اوترو وڌيڪ حاصل ڪيو ٿا

(٢) – ها؟ مراقبو جوان بڻائيندو آهي

(٣) – مراقبي ۾ نشي جا پيچرا جدا جدا آهن

**باب چوٿون:. ذهن سٺو نوڪر، خراب مالڪ**

(١) – ذهن هڪ سڪيا ورتل اويرو

(٢) – گيت بانسريءَ جو نه هوندو آهي

(٣) – محبت دل جي جوهر جو اهم مظهر

**باب پنجون:. خدا ڇو آهي؟**

(١) – نفسيات جا ڇاڙو، مايوسيءَ جا خالق.

(٢) – خدا آهي، ڇو ته توهان ڊپ سان ٿب آهيو.

(٣) – ڪم ۾ آرام آهي.

(۴) – عيسيٰ ۽ نفسيات جي سوري (صليب)

رنجيش جا وبچار


جيجي سنڌي بولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب پهريون

# اصل ۾ شاهد، شهود ۽ مشهود هڪ آهي

1- موت هار ڪائي سگهي ٿو
2- زندگي ڪاربان ڪاپيءَ قبول نٿي ڪري
3- زندگيءَ جو سچو رس ۽ چس

## (1)

## موت هار ڪائي سگهي ٿو

1- "انا". "تيٺي" جي رستي ۾ رنڊڪ آهي
انڻ ڄاڻائي، گهٽ ۾ گهٽ فطري تہ هوندي آهي، گهٽ ۾ گهٽ
2- توهان جي پنهنجي هوندي آهي. هيءَ توهان کي بہ چاپڙيو ۽
منافق نٿي بڻائي.
3- انڻ ڄاڻائي ڏاهپ جي واهڙ جو منڊ آهي
4- انڻ ڄاڻائي هڪ "ڪک" آهي
5- ان ۾ سرجي ٿي سچ جي ڄاڪوڙ
۽ جيڪڏهن توهان علم جي عذاب سان مهاڏو نہ اٽڪايو آهي تہ
انڻ ڄاڻائي حقيقي شروعات آهي.
6- "انا" ڪوڙ جي گهڻائيءَ جو نالو آهي
7- جيڪڏهن توهان پٺي جهان جي نظاري جو مزو ماڻڻ گهرو ٿا تہ
"انا" کان جان ڇڏايو.
8- توهان جي ڪوشش جوئي اهو نتيجو هوندو آهي تہ توهان هٿ
اينڊڙ شين جي حاصل ڪرڻ جا لائق نٿا رهو
9- اوسيئڙو امرتا جا دروازا کولي ڇڏي ٿو.
10- حضرت عيسيٰ عليه السلام ڪنهن بہ ڪاليج ۾ سکيا ڪانہ
ورتي هئي، ان هوندي بہ دنيا جو مهان پرچارڪ هيو.
11- عمل مادي اهي، دنياوي آهي، زميني اهي، دنيا ۾ ڪنهن بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موڙ جي اثر (اٿر ڪوس) جو قانون هي آهي تہ ڪجھہ شيون اهن جن کي توهان حاصل ڪرڻ گهرو ٿا ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا ۽ توهان انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهو ٿا. اهو توهان جي ڪوشش جوئي نتيجو هوندو آهي جو توهان ملڻ جوڳين جي شين حاصل ڪرڻ جي لائق ٿي نہ آهيو.

هي سڀ ڪجھہ اُنهيءَ طرح آهي جو جيئن توهان رات جي وقت سمهڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا. هر طرح جون اٽڪلون ازمايو ٿا مگر توهان کي خبر پوي ٿي تہ توهان پنهنجو پاڻ کي بيوقوف ٺاهي بنائي سگهو، ننڊ نٿي اچي. ٿئي هيئن ٿو تہ اهي سڀ اٽڪلون ۽ سموريون شيون جيڪي ماڻهن ننڊ آڻڻ لاءِ ٻڌايون آهن. اهي توهان کي جاڳائي ڇڏين ٿيون. انهيءَ جي سادي حقيقت هيءَ آهي تہ انهن سڀني کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ جاڳڻ ضروري آهي.

تهنڪري ڇا جي ننڊ! ننڊ آڻڻ جي هر ڪا "ڪوشش" توهان کي سمهڻ نٿي ڏئي!!

ڪو ماڻهو منتر جپي ٿو. ليڪن منتر جپڻ لاءِ توهان کي جاڳڻو پوندو آهي ڪو ماڻهو، "يوڳا" جي ساهہ جون مشقون ڪري ٿو. مگر ساهہ جو توهان جي زندگيءَ سان ايترو گهاٽو لاڳاپو آهي تہ جيڪڏهن توهان هڪ خاص انداز سان. هڪ خاص ردم سان ساهہ کڻندو تہ اهو توهان کي نوبنو ۽ چاق چگو پلو ڪندو. ننڊ جي لاءِ بالڪل مختلف شين جي ضرورت آهي. جيڪڏهن توهان گهرو ٿا تہ ننڊ اچي تہ ننڊ جي باري ۾ سڀ ڪجھہ وساري ڇڏيو. مول متو هي آهي تہ ڪجھہ پيو ڪرڻ شروع ڪيو. ڪنهن بہ معاملي ۾ ايتري قدر گهرائي تي ويچو جو چڻ تہ توهان کي ننڊ سان ڪو واسطو ئي نہ آهي. ۽ هوءَ اچڻ لڳندي. توهان ان جي پٽڪڙن پيرن جو ڪڙڪو ٻڌندا. توهان کي محسوس ٿيندو تہ هوءَ اچي پئي. مگر توهان کي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيو. ننڊ هڪ مونث سگهہ آهي. جيڪڏهن توهان انهيءَ تي غور ڪيو. هتي مان هڪ اهم نڪتو بيان ڪيان ٿو تہ مونث سگهہ، مذڪر سگهہ کان بالڪل جدا انداز ۾ عمل ۾ ايندي آهي. عورت گهرندي آهي تہ توهان ان جي پٺيان پٺيان ڪڏ لڳا وتو. توهان کان انهيءَ امر جي اميد تہ توهان "بس" ۾ وينا رهو ۽ ان جي اچڻ جو انتظار ڪيو. ايستائين جو جيڪڏهن هوءَ عورت توهان کي چاهي ٿي، توهان سان پيار ڪري ٿي، توهان جو ٿيڻ گهري ٿي. تنهن هوندي بہ پهريائين، پهريائين هوءَ توهان کان پري ڀڄندي. پر تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اج ٿي ڪوڙ آهي.

تنهن ڪري سوال هي نہ آهي تہ ڇا اج ڪوڙ آهي يا نہ. سوال تہ هي آهي تہ اج آهي بہ يا نہ.

انهيءَ جو سبب هي آهي تہ اج ڪوڙي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ توهان کي ڇا علم جي ڪوڙي اج آهي؟- توهان کي اج نہ لڳندي هوندي تہ اوچتو توهان نظر ڪوڪا ڪولا جي بوتل تي پوي ٿي. نهايت نرالي انداز سان توهان کي اج محسوس ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. توڙي جو توهان توڙي جهٽ اڳ بہ اج جي باري ۾ ڪونہ سوچي رهيا هئا.

مان هڪ جاءِ تي رهندو هوس. پاڙي ۾ ئي هڪ امير آدمي رهندو هو هو هڪ خوبصورت محل ۾ رهندو هو. هتي توهان کي هڪ دلچسپ حقيقت ٻڌايان تہ هندوستان ۾ ماڻهو ڪنهن بہ هنڌ تي پيشاب ڪرڻ ويهندا آهن. انهيءَ معاملي ۾ ڪوبہ ڪنهن کان لڄ حياءُ نہ ڪندو آهي. انهن جي سموري ڌرتي امڙ پيشاب خانو آهي. تنهنڪري ماڻهو بہ امير ماڻهوءَ جي محل جي ڀر واري ڪنڊ ۾ پيشاب ڪندا هئا. اتي ٿوريءَ ويرم ڪانپوءِ ڪونہ ڪو شخص پيشاب ڪندي نظر ايندو هو. امير ماڻهوءَ کي انهيءَ ڳالهہ تي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳندي هئي. صبح جو ساجهر جڏهن هو لان تي ويهي گلن جي خوشبو. پکين جي جرڇر ۽ صبح جي نرم هوا مان مزو وٺندو هو تہ اهڙي وڻندڙ سمي ۾ ڪو شخص پاسي واري ڪنڊ ۾ پيشاب ڪرڻ لاءِ اچي نڪرندو هو. تہ ان امير جو رت ٽهڪي پوندو هو. هو انهيءَ شخص کي قتل ڪرڻ جو سوچيندو هو. مگر پوءِ قتل کان بعد جي تڪليف ۽ پوليس جي چنبي چاڙهڻ ۽ خلق جي خواري کان ڏڃي ڪري رت جا ڍڪ پي ويندو هو. هڪ ڏينهن مان ان کي صلاح ڏني تہ "تون پنهنجي محل جي ڇوڌاري پيشاب جي منع جو سائن بورڊ هڻاءِ" هو چوڻ لڳو "توهان جو خيال تہ سٺو آهي"-

پوءِ هن ڪاٺ جا خوبصورت ۽ نفيس سائن بورڊ جوڙايا. انهن جي خوبصورتي ۽نفاست هوڻئن بہ ضروري هئي جو انهن کي سنگ مرمر جي حسين ۽ وڻندڙ محل جي چوڌاري هڻو هيو. سائن بورڊ لڳي ويا. تڏهن هڪ ڏينهن ڏاڍو ڪاوڙ ۾ ٻڏل اسان جي گهر آيو. مان در تي وڃي ان جي آجيان ڪئي. احترام ڪيس ڊرائينگ روم ۾ وڃي ويهاريم. سڀ کان اول پنهنجي تجويز جو نتيجو چاڻ گهريم. بس تہ پوءِ ڇا ٿيو جو هو ڪاوڙ ۾ صفا ٻڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿا- اڪيلي سر- پنهنجا پيچرا گهڙيندي- ڪوجنا ۽ جاکوڙ جي انهيءَ مهم ۾ ڪيترائي خطرا قبول ڪيو ٿا. تڏهن زندگي رڳو ڪاڻ پيٽڻ تائين محدود نٿي رهي، تڏهن زندگي هڪ گيت هڪ نرت، هڪ خوشي بڻجي وڃي ٿي.

مگر ائين تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن توهان انهيءَ تصور مان جند ڇڏايو ته ڪو ٻيو ماڻهو توهان لاءِ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. توهان کي انهيءَ ڳالهه کان به ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو ته علم ڪتابن مان حاصل ڪري سگهجي ٿو. توهان کي باشعور ٿيڻ گهرجي. توهان کي اهو به مڃڻ گهرجي ته "هيءَ منهنجي زندگيءَ آهي ۽ مان ئي رڳو پنهنجي لاءِ ڪري سگهان ٿو" اهڙي طرح توهان "فرد" بڻجي وڃو ٿا. اهڙي طرح توهان ٺهيل ٺڪيل مذهبن کان آزاد ٿي وڃو ٿا. ايستائين جو توهان سڀني سياسي ۽ فلسفياڻين نظرين کان آزاد ٿي وڃو ٿا.

اهڙي طريقي سان توهان ٻيهر معصوم ٿي وڃو ٿا. توهان جون اکيون شفاف ۽ اونهيون ٿي وڃن ٿيون. توهان جي دل ناچ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي. ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي وساري سگهو ٿا ته پوءِ توهان ناچ جي شروعات ڪري سگهو ٿا. ڳائي سگهو ٿا.

۽ جڏهن مان چوان ٿو ته توهان پاڻ وساري ڇڏيو ته مون کي سمجهڻ ۾ گهٽتائي نه ڪيو. پنهنجو پاڻ کي وسارڻ واري حقيقت جي باري ۾ غور ويچار نه ڪيو. انهيءَ عمل سان سڀ ڪجهه ناس ٿي ويندو. جڏهن مان چوان ٿو ته توهان پاڻ کي وساري ڇڏيو ته ان مان منهنجو سادو مطلب اهو هوندو آهي ته جنهن گهڙيءَ توهان ناچ ڪري رهيا آهيو ته پاڻ کي نرت ۾ گم ڪري ڇڏيو. جنهن سمي توهان گيت ڳائي رهيا آهيو. انهيءَ سمي گائيڪار جي ڪهڙي ضرورت. توهان کي گيت ۾ ڊهجي وڃڻ گهرجي ۽ تڏهن زندگي جي هر گهڙيءَ ۾ سچ جي، حسن جي، تسليءَ جي انڊلٺ سرجڻ شروع ٿيندي.

نه توهان کي ڪنهن جي در تي حاضري ڀرڻ جي ضرورت آهي ۽ نه توهان کي ڪنهن ٻئي جي سهاتتا درڪار آهي.

جيڪو ڪجهه به توهان آهيو، جنهن به جاءِ تي آهيو. بس اهوئي رهو ۽ اتي ئي رهو. چپ چاپ، خاموش، سانت ۾. ائين توهان ڪائنات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگر هر جنم توهان کي پوريءَ طرح ياد نه هوندو آهي. توهان پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ پوري طرح بي خبر رهندا آهيو. توهان کي ته ايندڙ وقت جي حواليءَ سان به ڄاڻ حاصل نٿي ٿئي.

توهان رڳو پنهنجي هن ٿورڙي حياتيءَ جي باري ۾ ڄاڻ رکو ٿا. توهان پنهنجي ٿورڙي حياتيءَ ۾ ئي ڳالهيون چاهو ٿا. زندگيءَ جي بيوسيءَ جو گوندر ۽ انهيءَ گوندر کي دور ڪرڻ جا ڪجهه طريقا توهان حياتيءَ جي بيوسيءَ ۽ انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ ڏک کي وسارڻ واسطي، سڪيل انهن اٽڪلن کي توهان وندر جو نالو ڏيو ٿا. مووي ڏسڻ وڃڻ، سرڪس وڃڻ. اهي آهن اهي طريقا جن سان توهان حياتيءَ جي لاچاريءَ کي وساريو ٿا. ٿيئي هيئن ٿو ته رڳو ٽن ٽن ڪلاڪن لاءِ توهان پاڻ کي نرالي دنيا ۾ گم ڪندا آهيو ۽ بس! هڪ ڪيانيءَ جي باري ۾ تصور ڪرڻ به توهان جي لاءِ ڏکي ڳالهه آهي. انهيءَ کي هيئن سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن توهان سگريٽ ڇڪيا آهيو ته تصور به ڪري نٿا سگهو ته لکين ماڻهو سگريٽ ڇڪڻ کان سواءِ به جيئرا آهن.

توهان جي نظر ۾ اهي زيان ٿي رهيا آهن. جيڪو شخص سگريٽ نٿو ڇڪي اهو اصل ۾ ڪجهه به نٿو وڃائي. سواءِ ٿورڙي نڪوٽين جي، سواءِ ٿورڙي زهرجي. توهان سگريٽ ڇڪڻ واري کي انهيءَ شخص کان اڳ ۾ ماريندو جيڪو شخص شراب جو شوقين آهي اهو هن حقيقت تي يقين نٿو ڪري سگهي ته سموري دنيا "بوتل" کان سواءِ جي رهي آهي. اهو ته هڪ ڏينهن به بوتل کان سواءِ زنده رهي نٿو سگهي. تنهن ڪري هن کي توهان تي کهل ٿي اچي ۽ هو دل ئي دل ۾ چوي ٿو." ويچارا ماڻهو! اهو به نٿا ڄاڻن ته جيون جي سيني ڏکن کي وسارڻ جو اهوئي هڪ طريقو آهي ۽ اهو آهي شراب" مگر حقيقت ۾ ويچارو ته هو پاڻ آهي جو هڪ اهڙي زندگيءَ جي تصور ڪرڻ کان معذور آهي جنهن وسارڻ لاءِ ڪوبه غر ڪونهي.

اهائي حالت توهان جي ٿيندي آهي. جڏهن توهان گيان جي باري سوچيندا آهيو. مسئلو هي آهي ته توهان انهيءَ ماڻهوءَ جو ڪاٿوئي لڳائي نه سگهندا جيڪو گيان حاصل ڪري چڪو آهي. اهو "انا" کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري چڪو آهي. توهان ان جي بي عزتي ته ڪري سگهو ٿا مگر ڪيس "انا" جي درد ۾ وڪوڙي نٿا سگهو. توهان ان کي گار ته ڏيئي سگهو ٿا. ان جي بي عزتي ڪري سگهو ٿا، مگر ان ۾ ڪابه قيرقار آڻي نٿا سگهو. ايستائين جو توهان ان کي قتل به ڪيو ته اهو ساڳئي جو ساڳيو ئي رهندو. توهان لاءِ انهيءَ حقيقت جو ڪاٿو لڳائڻ به ڏکيو آهي ته ڪو گياني سرڪس، مووي يا ٻيون جيڪي سچايو پيش ڪيون وڃن ٿيون. انهن کي ڏسڻ کان سواءِ ڪيئن جيئرو رهي سگهي ٿو؟ دنيا ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو

# باب ٻيو

# محبت خدائي حڪم نہ آهي

1- محبت هجڻ جي سهوليت
2- دنيا ۽ عورت آهي
3- جنسي سکھ ۽ غلامي

"ڪو، جي سمجهي تہ هڪڙي ڳالھ ڪيان"
"عـــــشق توفــــــيق آ، گناھ نہ آ"

(فراق)

(1)

## محبت هجڻ جي سهوليت:-

1- محبت جو مطلب آهي هجڻ جي سهوليت

2- توهان ڪنهن مرد يا عورت سان انهيءَ ڪري محبت ڪندا جو توهان پاڻ پنهنجي ذهن ۾ ڪنهن جو آدرش ڪنيون گهمندا وتو ٿا. ڇوڪريءَ انهيءَ آدرش کي پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيو آهي ۽ ڇوڪري ماءُ کان

3- سماج توهان کي ٻن پاڳن ۾ ورهايو آهي. ڪوڙي حصي جو هر طرح سان احترام ڪيو وڃي ٿو، جو تہ ان کي سماج پيدا ڪيو آهي. سچي حصي جو احترام نٿو ڪيو وڃي ڇو تہ سچي حصي کي فطرت تخليق ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ سماج ثقافت ۽ تهذيب جي هٿ وس کان ٻاهر آهي.

4- ڪنهن کي بہ هي نہ ٻڌو تہ محبت خدائي حڪم آهي. فرض محبت جو ڪوڙو بدل آهي.

5- هندوستاني ادب ۾ "الميو" ڪونهي، پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ مان پنهنجن پروفيسرن کان پڇيو هندوستاني ادب ۾ ٽريجڊي (الميو) ڇو نہ آهي؟ ڪوبہ اهڙو پروفيسر ڪونہ هيو جيڪو مون کي انهيءَ حوالي سان ڳالھ ٻڌائي ها.

6- ڪوڙ خارج مـان ايندو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ڪوڙ

هي انهيءَ ڳالهه جو هڪ سڌو سنئون ثبوت هيو ته ڪجهه ٿيو آهي.
صندوق ۾ "ڪجهه" ظاهر ٿيو آهي. صندوق خالي نه هئي. ان محبت ڪرڻ وارن کي چيو ته "محبت کان سواءِ توهان هلي سگهو ٿا. هڪ ٻئي ۾ پيهي سگهو ٿا" هن جو ڪم ڏکيو هو. ۽ انهيءَ کي سماج اڻانگو بڻائي ڇڏيو هو. جو ته جلد ئي سماج ان جي تذليل ڪرڻ شروع ڪئي ۽ مٿس الزام هڻڻ لڳو. ته هو شيطان جي سازش ۾ شريڪ آهي. بالڪل مون وانگر هي چوندي ته هو جنس جو انڪار ڪري ٿو ۽ هي ته هو ماڻهو عجيب قسم جون ڪسرتون ٿو ڪرائي ۽ سيکاري ٿو. اهي انوکيون ورزشون ان جا "جنيس" ته ظاهر ڪن ٿيون. ان کي "تنتر" جي باري ۾ ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي. هو ڪڏهن به اوير ڏانهن نه ويو هو. مگر ان جيڪي ورزشون وضع ڪيون هيون اهي ڏهه هزار سال پراڻيون هيون. انهن کي هن ڳولهي لڌو ۽ هزارين ماڻهو جيڪي انهن ورزشن جي وسيلي صحت ياب ٿيا ان جي سچائيءَ جي شاهدي آهن. جلدئي هن جنسي بيمارن کان سواءِ ٻين مريضن کي صحت ياب ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ جو سبب هي آهي ته جنسي سگهه هڪ نج سگهه آهي.

ان کي ڪيترين ئي صورتن ۾ ڪم آڻي سگهجي ٿو. هوءَ توهان جي ذهانت ۾ پيهي سگهي ٿي. توهان ڳنڀيرتا ۾ ڍلجي سگهي ٿي: هن ماڻهن جو علاج شروع ڪيو. علاج جو طريقو نهايت سادو هو. هو انهن کي صندوق ۾ سمهاريندو هو. اهي پنڌرنهن يا ويهه منٽ صندوق ۾ ليٽيل رهندا هئا ڪجهه "سيشن" ٿيندا هئا ۽ اهي تندرست ٿي ويندا هئا.

ميڊيڪل انهيءَ جي خلاف هئي. جو ته "هي ماڻهو دوائون استعمال نه ڪندو هو" انهيءَ جو سبب اهو آهي ته قانون انڌو آهي. انهيءَ شخص هزارين عجيب، عجيب مرضن ۾ ورتل ماڻهن کي صحت ياب ڪيو جيڪي عام سرڪاري دوائن سان ٺيڪ نه ٿيند اهئا. مگر انهيءَ ڳالهه کي هٿي ڪانه ڏني ويئي. سوال اهو هيو ته ڇا هن وٽ رجسٽريشن آهي يا نه " ڇا هن وٽ پريڪٽشن لائسنس آهي يا نه؟" ولهيلم رائخ چيو "مان دوائون استعمال نه ڪندو آهيان. مان ڪا شيءِ تجويز نه ڪندو آهيان منهنجي ته سڀ دوا اها صندوق آهي"

"جيڪڏهن توهان هن کي دوا طور قبول ڪريو ٿا ته پوءِ پوءِ تنهنجي يونيورسٽي جي طب واري شعبي کي ثابت ڪرڻو پوندو ته هي ڪهڙي قسم جي دوا آهي؟" جڏهن مان توهان کي پنهنجي ڪوڃنا تي سوچ ويچار ڪرڻ جي دعوت ڏيان ٿو ته توهان سوچيو ٿا ته مان پاڳل آهيان ۽ مان


Scanned with CamScanner

توهان جو جسم ننڍپڻ کان جواني، جواني کان ڪراڙپ ۽ ڪراڙپ کان موت تائين هلندو رهي ٿو. اهي تبديليون رڳو جسم ۾ ظاهر ٿين ٿيون. اهي گهر جي فرنيچر جي ڦيرين گهيرين وانگر آهن. گهر جي رنگ روغن ۽ انهيءَ جي آرڪيٽيڪچر جون ڦيريون گهيريون آهن. مگر ماڻهو جيڪو گهر جو رهاڪو آهي، گهر جو مالڪ آهي، اهو انهن سمورين تبديلن کان متاثر نٿو ٿئي.

شعور مالڪ آهي، توهان جو جسم رڳو گهر آهي. تنهنڪري جڏهن توهان مراقبي جي سلطنت ۾ داخل ٿيو ٿا ته پنهنجي اندر، اهڙيءَ شيءِ سان جڙجي وڃو ٿا جيڪا ڪائناتي آهي. جنهن جي ڪائي عمر نه آهي. جيڪا وقت ۽ جاءِ جي قيد کان آزاد آهي. اهو ڪجهه رڳو توهان سان ئي نه ٿيو آهي. مون ڪي ڪيترن ئي ڪراڙين سيناسين جا خط مليا آهن جن ۾ انهن ٻڌايو آهي ته اهي پاڻ کي جوان محسوس ڪري رهيون آهن. ۽ انهن کي ڪابه "پيرٿي- وڃوتي، آڏو نه آهي. اهي ٻين سنياسي عورتن رلي ملي ويون آهن. هڪ ويرم لاءِ به انهن کي اهو خيال نه آيو ته اهي اسي سالن جون ڪراڙيون آهن يا هي ويهن سالن جون نينگريون آهن. اهي گڏ رهن ٿيون. اهو ڪوبه نٿو سوچي ته هي ڪيترو نه نرالو معاملو آهي.

اِسڪات لينڊ سان واسطو رکندڙ هڪ سنياسڻ مون کي لکيو ته "پڳوان! مان ڏاڍي پرجوش آهيان." هوءَ انهتر ورهين جي آهي ۽ هاڻي هوءَ پوڙهن جي پنيان ڊڪندي وتي ٿي ۽ سموري وستي سوچي ٿي ته هوءَ چري ٿي ويئي آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته هوءَ هر وقت کلندي رهي ٿي ۽ سدائين خوش رهي ٿي. وستيءَ کي انهيءَ حقيقت تي ويساهه ڪونه ٿو اچي ته هن سان ڇا ٿيو آهي. هوءَ هڪ ننڍڙي ٻار وانگر ٻٽجي چڪي آهي. هن مون کان پڇيو ته "مان ڇا ڪيان؟ "مون کي ڀريائين وانگر هلڻ گهرجي؟" مان ان کي چيو "تون ڪوشش ڪري سگهين ٿي مگر ياد رک. تون انهيءَ ۾ ڪامياب نه ٿيندينءَ. تنهنڪري پنهنجو وقت نه وڃاءِ. بس پوڙهن کي وٺندي رهه ۽ وستيءَ جي بيوقوفن جي لاءِ ڇاجي پريشاني آ؟ بس توکي پنهنجو پاڻ مان مزو وٺڻ گهرجي" مراقبي جو واسطو ذهن سان نه آهي. مراقبو توهان جي هستيءَ سان لاڳاپيل آهي. بس ٿوري جهٽ لاءِ انهيءَ ۾ گم ٿي وڃو. ۽ اوچتو هر شيءِ مختلف ٿي ويندي. جسم پنهنجي رستي تي هلي پوندو. توهان کي ڄاڻ ملندي ته توهان رڳو جسم نه آهيو. ماڻهو مرندا، مگر توهان نه. جو ته موت اڻ ٿيڻي آهي. توهان جو پنهنجو موت ايندو. مراقبو توهان کي موت جي لاءِ تيار ڪري چڪو آهي. توهان گيت ڳائيندا، ناچ ڪندا، ماڻ ميٽ ۾ وڃي سگهو ٿا. صورت کي ڇڏيندي، بي صورت ۾ گم ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيارا پڳوان!!

ڪيترا ماڻهو نشي ۾ مزي ۽ وڻڻ جو تجربو ڪن ٿا. مان توکان پڇو آهي تہ ڪوڙ شروع ۾ مٺو ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ ڪڙو ٿيندو آهي. سچ شروعات ۾ ڪڙو ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ مٺو.

مان مراقبي ڪيان ٿي. مگر مون ڪي اهڙي تجربي جا مزو نہ مليو آهي، جنهن جو ذڪر نشي مان مزو وٺندڙ ڪندا آهن. ڇا نشو ڪوڙ وانگر آهي؟ ۽ مراقبو سچ وانگر؟- يا مونکان اهڙي ڪا ڀل ٿي ويئي آهي، جيڪا حقيقت ۾ مدد ڪري سگهي ٿي؟

نشو ڪجهہ وقت لاءِ هڪ ڪيميائي تبديلي ڪري سگهي ٿو. هي توهان جي اندر ۾ عظيم سڌارو ڪندڙ. وڌيڪ حياتيءَ جي امنگ ۾ دنيا ۾ زياده رنگينيءَ جو احساس پيدا ڪري سگهي ٿو.

مگر اها حالت بس ڪجهہ ڪلاڪن تائين برقرار رهي ٿي ۽ پوءِ توهان پيهر ڌڙم ڪري زمين تي اچي ڪرو ٿا ۽ تنهن وقت زندگي وڌيڪ ڏڪاري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جو تہ هاڻي توهان انهيءَ سان ڀيٽڻ لاءِ ڪا شيءِ ملي ويئي آهي.

نشي مان حاصل ٿيندڙ مزو توهان جي شعور تائين پهچي نٿو سگهي. انهيءَ جو مراقبي سان تہ ڪوبہ مقابلو نہ آهي مراقبي جي پهچ توهان جي شعور تائين هوندي آهي. هيءَ بي دماغي واري ڪيفيت آهي ۽ نشي مان حاصل ٿيندڙ مزو رڳو دماغ تائين پهچ رکندو آهي ۽ توهان کي هڪ خوش حاليءَ جو احساس خوبصورت خواب ۽ خيالي منظر ئي عطا ڪري ٿو. جيڪو حقيقي سمجهہ ۾ ايندو آهي. تنهنڪري جڏهن ماڻهو ٻڌائن ٿا تہ انهن خوبصورت شين جو تجربو ڪيو آهي تہ تون اداس ٿي وڃي ٿي. تون سوچين ٿي تہ مراقبي ڪرڻ هوندي بہ تو ڪڏهن ائين محسوس نہ ڪيو آهي ۽ انهن ماڻهن هڪ خسيس ڪيميائي دوا مان اهڙي ڪيفيت جو مزو ورتو.

انهن جهڙا تجربا توهان تي ظاهر نہ ٿيندا- مراقبي ۽ نشي جا ڏڳ جدا جدا آهن. مراقبي جي رستي تي توهان کي ماٺ جو تجربو ٿيندو توهان کي بنا سبب خوشيءَ جو تجربو ٿيندو. توهان کي وشال ۽ ويڪريءَ روشنيءَ جو تجربو ٿيندو. هڪ روشنائي تنهنجي دل مان اڀرندي. توهان هڪ ستاري ۾ پيهي ويندئون. اهي سڀ حالتون مراقبي جي رڳو شروعاتي مرحلي ۾ ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واٿهڙوءِ چيو ”ڇا اهو واقعي صحيح آهي؟ مان پاڻ ڳولهائو آهيان. تنهنجي مهرباني ٿيندي جيڪڏهن تون مون کي پنهنجو چيلو بڻائيندين. مان هاڻي توهان کي پنهنجو گرو ڪري مڃانٿو“ - تنهنڪري اهو ماڻهو واٿهڙوءَ کي هڪ پاسي وٺي ويو ۽ هڪ ٻوڙي جي اوٽ ۾ ان جو نڪ وڍيائين. نڪ هليو ويو. ماڻهوءَ چوڌاريءَ ڏٺو ۽ چيو ”مگر مون کي ته ڪوبه خدا نظر نه ٿو اچي؟“

گروءَ چيو مونسان به ائين ٿيو هو. پر ڇا ڪجي. جڏهن تنهنجو هليو ويو ته ڪانه ڪا عقلي سمجهاڻي ضروري ٿئي ٿي. هاڻي تون شهر وڃ. ڪِلَ ۽ ناچ ڪر ته جڏهن ڪو توکان پڇي ”معاملو ڇا آهي؟“ ته بس ان کي چئه ته ”هي سڌي سيڌي ڳالهه آهي ۽ مذهبي پنڊتن ماڻهن کي فرق لاءِ هن کي گنجرائي ڇڏيو آهي. توهان کي رڳو پنهنجو نڪ ئي وڍڻو پوندو. رڳو نڪ ڪانسواءِ توهان جي ۽ خدا جي وچ ۾ ڪابه سٽي رنڊڪ نه آهي“ ان شهر ۾ وڃي ڪري اهو ئي ڪجهه ڪيو. ماڻهو پڇيو ته انهن انهيءَ ڪان اڳ ۾ ڪڏهن به اهڙوفلسفو نه ٻڌو هو. هر قسم جا صحيفا ۽ هر قسم جا مذهبي پرچارڪ انهيءَ شهر ۾ موجود آهن. ڪنهن شخص به اسان کي نه ٻڌايو ته سچو سمجهڻ نڪ جو آهي. ان چيو ”تون منهنجي گروءَ وٽ اچ. هو شهر ۾ نه ايندو آهي هو شهر کان ٻاهر ٿئي ترسيل آهي. مان انهيءَ جو وڏو چيلو آهيان. جيڪي ماڻهو خدا جي ڏسڻ جي خواهش رکن ٿا، مان انهن کي گروءَ سان ملاقات جو وقت ڏيئي سگهان ٿو.“

ڪجهه ماڻهن دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو. شام جي وقت ڪيترائي نڪ ڪر ٿي ويا. هر شخص هيڏي هوڏي ڏٺو ۽ چيو ”مگر خدا ڪٿي آهي؟“ گروءَ چيو ”بيوقوف نه ٿيو! نه ته خدا ڪٿي آهي نه ئي ڪٿي نڪ آهي، مگر توهان کي ماڻهن کي ڪجهه نه ڪجهه نه ٻڌائڻو آهي، نه ته ماڻهو توهانکي بيوقوف ڪوٺيندا. هاڻي اهو توهان تي مدار ٿو رکي.

ذهين، عقل مند، گيان حاصل ڪندڙ بڻجڻو آهي يا بي وقوف“ ٻن هفتن جي اندر، اندر اٽڪل اڌ شهر جي ماڻهن جا نڪ ڪر ٿي ويا. انهن مان هرڪو ماڻهو خدا ۽ وڻندڙ تجربن جي باري ۾ ٻڌائيندي ڏٺو ويو. ايستائين جو بادشاه جي دل ۾ خواهش پيدا ٿي. ان چيو ”رڳو هڪ نڪ جي ڪري خدا کي وڃائڻ بيوقوفي آهي. تنهنڪري ايترا سارا ماڻهو غلط ٿا چون ۽ اها به وري منهنجي رعيت. بادشاه انهن کي گهرايو. مون کي سچ سچ ٻڌايو ته


Scanned with CamScanner

(Dream Stuff) آهي. حقيقت نہ آهي. انهن ڪجهہ تہ حاصل ڪيو آهي. انهن رڳو اندازو لڳايو آهي. ماديت سائنسن جي دُنيا جو مفروضو آهي. وهم آهي. جهڙي طرح خدا، جنت ۽ جهنم مذهبي دنيا جا وهم آهن (۽ ڀي چوڻ وهم نہ آهي؟! مترجم)

سائنس هن وقت تائين نج سائنس نہ آهي ۽ نہ اها ٿي سگهي ٿي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ سائنس دان اڃا تائين معصوم ۽ بي تعصب نہ ٿيا آهن. اهي پنهنجن شرطن مطابق سچ سان گڏ هلڻ لاءِ تيار نہ آهن. توهان کي جيڪي دورا پون ٿا اها ڪا بيماري نہ آهي . مان ڪو فزيشن تہ نہ آهيان ۽ انهيءَ حقيقت کي فريشن واري رخ سان ڏسي بہ نہ رهيو آهيان. ٻئي رخ سان ڏسي رهيو آهيان.

توهان جو دورو حقيقت ۾ هڪ وڏنڊ ويڃهنڊ ۽ جهلڪا ڏيندڙ شعور آهي. جنهن کي توهان جوڌهن آڌر نٿو ڏيئي سگهي. جيئن تہ هو انهيءَ کي آڌر نٿو ڏيئي سگهي سو اهو لاشعور ۾ هليو ٿو وڃي. مان انهيءَ کي بيمار نہ چوندس. مان ٿہ چوندس تہ توهان تي رحمت نازل ٿي آهي. منهنجي انهيءَ ويساه جو سبب اهو آهي.تہ اها بيماري انهيءَ ڪري نہ آهي جو تہ دوري ڪانپوءِ توهان کي مسرت جو، نشي جو اهڙو احساس ٿئي ٿو. جيڪو توهان ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو هوندو.

ڪنهن بيماريءَ کان پوءِ نشي ۽ خوشيءَ جو احساس نہ ٿيندو آهي. توهان ٿڪ ۽ سستي محسوس ڪيو ٿا. بيماريءَ کان پوءِ توهان پاڻ کي نبل، اجڙيل ۽ ڏڪارو محسوس ڪيو ٿا. جڏهن تہ توهان پنهنجو پاڻ کي خوش پائين ٿي. توهان پنهنجي پاڻ کي انهيءَ کان وڌيڪ خوشيءَ سان تب محسوس ڪرين ٿي. جنهن کي اڳ ۾ تصور ۾ ئي محسوس ڪيو هوندو.

ڦل انهيءَ وڻ جي شاهدي هوندو آهي، جنهن ۾ هو پيدا ٿيندو آهي.جيڪڏهن هو رس سان ڀريل آهي، مٺو آهي، سوادي آهي تہ چئڻ اهو وڻ جي باري ۾ ڪجهہ چئي رهيو آهي. جو تہ ڦل جنهن بہ شيءِ جو حاصل آهي، اهو وڻ جي عطا آهي. وڻ ضرور جوان هوندو. وڻ ضرور رس سان ڀريل هوندو. بس ٿورو گلڪي يا ميوي کي ڏسو تہ توهان کي سڀ ڪجهہ ڄاڻ ملي ويندي. توهان جي دورن ڪانپوءِ جيڪو بہ ڪجهہ ظاهر ٿئي ٿو، انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ توهان جا دورا ڪنهن بيمار جهڙا نہ آهن مان توهان کي اها ڳالهہ سمجهائڻ گهران ٿو. جنهن کي ميڊيڪل سائنس نظر انداز ڪري رهي آهي.

## (2)

## خدا آهي، ڇو تہ توهان ڏپ سان ٽپ آهيو.

**پيارا ڀڳوان!**

منهنجي ڌيءُ ”ماشانتي مارا“ جيڪا ستن سالنجي آهي، ان مون کي چيو آهي تہ مان ان جو هڪ سوال توهان جي لاءِ ترجمو ڪيان ڇو تہ هوءَ انگريزي نٿي ڳالهائي سگهي. ان جو سوال آهي تہ ”خدا ڇو آهي؟“

هوءَ اسڪول ۾ پڙهي ٿي. مذهب سان ٽڪراءُ ۾ آهي. وڏ ڪان وڏ سوال هن جي ذهن ۾ جنمن وٺن ٿا. هاڻي هن پُرجهڻ شروع ڪيو آهي تہ سنياس گهر ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ ٻاهر ڪجهہ ٻيو. ڇا توهان مهرباني ڪري انهيءَ تي تبصرو ڪندا؟

سوال اهم آهي. ٻار هميشہ پڇندا آهن تہ ”خدا آهي؟“ ”اهو ڪيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟“ اهي سڀ ساديون حيرانيون آهن.

مگر ”شانتيءَ“ هڪ سوال ڳولهي لڌو آهي. اهڙو سوال ڪڏهن ڪڏهن پڇيو ويندو آهي تہ ”خدا ڇو آهي؟“ هتي سوال اهو نہ آهي تہ خدا ڇا آهي؟ هتي سوال اهو بہ نہ آهي تہ خدا ڪٿي آهي؟ نہ ئي اهو تہ اهو ڪيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟-

هي رڳو سادو سودو تجسس نہ آهي. هن سمورن مذهبن جي ڪمزور کان ڪمزور نقطي جي نشان دهي ڪئي آهي. خدا ڇو؟-

نہ تہ ڪو مذهب انهي سوال جي جواب ڏيڻ جي لياقت رکي ٿو: نہ ئي ڪو انهيءَ کي ڇٽي نموني ظاهر ڪرڻجي لائق آهي.

انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ جيڪو بہ سبب توهان پيش ڪيو ٿا. خدا انهيءَ سبب جي ڪري آهي. خدا جي حيثيت ٻئي نمبر تي ٿي وڃي ٿي. ڪوبہ مذهب خدا تي ڪنهن ٻئي کي اڳرائي ڏيئي ئي نٿو سگهي. تنهنڪري مذهب گهمائي، ڦيرائي ڪري ”جواب“ ڏين ٿا. پوريءَ طرح ڇاڻي واڻي تہ انهن جو ڪو هڪ جواب بہ انهيءَ سوال جو جواب نہ اهي. مگر مان انهيءَ سوال جو جواب ڏيئي سگهان ٿو- جيڪو ڪنهن بہ چالو مذهب سان واسطو نٿو رکي. ”خدا آهي انهيءَ ڪري توهان ڏپ سان ٽپ آهيو“ انهيءَ جو نہ ڪنهن مذهب سان ڪو لاڳاپو آهي ۽ نہ فلسفي سان انهيءَ جو لاڳاپو توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندي تہ جيڪو هن وقت ٺيڪ پيو نظر اچي اهو پنجاه سالنجي اندر، اندر غلط ثابت ٿي چڪو آهي.

پنجاه سال اڳ ۾ پاڳل ماڻهوءَ جو علاج رت جو جريان هيو. انهيءَ رت جو ڪڍڻ ضروري هيو. تڏهن انهيءَ جو علاج ڪامياب قرار ڏنو ويندو هو. حقيقت ۾ ائين سمجهيو ويندو هو تہ پاڳل ماڻهوءَ جي رت ڪڍڻ سان هو ٺيڪ ٿي ويندو. فطري طور تي هو نبل ٿي ويندو هو. جيڪڏهن اهو ڪو نقصان پهچائيندڙ، ماڻهن تي حملو ڪرڻ وارو چريو هوندو هو تہ فطري طور تي هو ڪمزور هجڻ جي ڪري هاڻي هو ائين نہ ڪري پئي سگهيو. نبل هجڻ جي ڪري هو پيچ ڊاهہ ڪري نہ پئي سگهيو. ماڻهو سمجهندا هئا سندس رت وهڻ جي ڪري ان جي چريائپ نڪري ويئي آهي. هو ٺيڪ ٿي ويو آهي. ڇا توهان انهيءَ کي "علاج" سڏيو ٿا؟ سڌي سنئين ڳالهہ آهي تہ توهان چريئي ماڻهو کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. جلدئي هڪ ٻہ مهينن اندر اندر پيهر ٺيڪ ٿي ويندو. هڪ ڀيرو جو هن جو رت ڪڍيو ويو آهي. انهيءَ جاءِ تي تازيءَ خوراڪ: هوا، سج جي روشنيءَ سان نئون رت حاصل ڪندو. انهيءَ مان اهو بہ ثابت ٿيندو تہ جيڪو ڪجهہ توهان ڪيو آهي، اها سڀ پوڪائپ هئي. هاڻي انهن مڃيو آهي تہ اها هڪ بيوقوفي هئي. انهيءَ جو چريائپ سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هيو. ٽن سون سالن تائين پاڳل ماڻهن جو مڃيل علاج سمجهيو ويندو رهيو آهي. هاڻي جيڪو ڪجهہ بہ توهان ڪيو ٿا، تنهن جي باري ۾ توهان کي پڪ نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ صبحاڻي ۾ اهو غلط ثابت ٿي وڃي.

ڪهڙي نہ بي يقيني آهي. مگر ڇاڻ ۾ پاڻ کي متنسد هجڻ جو لاڙو ڏنو وڃي ٿو. جيڪي ڪجهہ مان چئي رهيو آهيان، انهيءَ تي اهي ڪن نہ ڏيندا. مون کي ٻڌڻ جو مطلب اهو وڃي ٿيندو تہ انهن کي پنهنجي زندگي جو سمورو منظر تبديل ڪرڻو پوندو. مثال طور مان چئي رهيو هوس تہ پهرين واري سوال ڪندڙ جا دورا دماغ سان ڪوبہ واسطو رکندا هئا. انهن جو لاڳاپو روحاني سگهہ سان، جيڪا ذهن تي حملو ڪري رهي آهي. ائين صوفين سان ٿيندو آيو آهي. هي ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. انهن کي اهڙي شخص جو علاج بنان ڪنهن سوچ سمجهہ جي نہ ڪرڻ گهرجي. انهن دورن کي روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن انهن دورن کي روڪيو ويو


Scanned with CamScanner

## پيارا پڳوان!!

مان رجنيشن پور ۾ روزانو ڪيترائي ڪلاڪ پوڄا ڪندو هوس. ذهن جي حالت عام طور بہ قرار رهندي هئي ۽ مراقبي جي ڄڻ اوچاين جو مان اتي لڳاتار تجربو ڪندو هيس. اهي تمام مٿاهين تي هيون. ائين لڳي ٿو تہ هتي بمبيءَ ۾ مون سان اهڙي قسم جي حالت ظاهر نہ ٿي رهي آهي. توڙي جو مان ڪم گهٽ ڪندو آهيان ۽ آرام وڌيڪ- مهرباني ڪري ٻڌايو تہ ماحول ۽ صورت حال جي ڪري ائين محسوس ٿي رهيو آهي يا انهيءَ جو ڪو ٻيو ڪارڻ آهي؟-

سورج پرڪاش!! جيڪو رستو هتي رجنيش پورم ۾ ورتو ويو آهي. اهو گرجيف کان ورتو ويو آهي. خودان انهيءَ کي قديم صوفي واهڙن مان حاصل ڪيو هو. توهان کي پنهنجي سوال جو جواب سمجهڻ لاءِ پهريائين ڪجهہ حقيقتن جو ادارڪ ڪرڻو پوندو- گرجيف چوي ٿو. مان انهيءَ سان اتفاق ڪيان ٿو تہ توهان زندگي جي سگهہ جون سطحون آهن. توهان جي انهيءَ سگهہ جي سڀ کان مٿاهين سطح تمام نازڪ ۽ ڪومل آهي. رڳو روزانو ڪمن جي لاءِ آهي. شام ٿئي ٿي تہ توهان ٿڪجي ٿڪي واپس ورو ٿا ۽ سمهڻ گهرو ٿا. انهيءَ روزاني نيم ۾ ڪم اچڻ واري سگهہ کي هر رات ري چارج Recharge ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. صبح جي وقت توهان ٻيهر تازا ٿي ڪم لاءِ تيار ٿيندا آهيو. ٻيو مٿاچرو ايمرجنسي Emergency جو مٿاچرو آهي. اهو اٽڪل طور وڏو آهي. ڇو تہ ان جو واسطو ايمرجنسي Emergency معاملن سان آهي توهان ٿڪي ٽٽي گهر اچو ٿا ۽ اهو ڏينهن اهڙو نہ گذريو هو جو توهان ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ لڳايو. اها تہ سون ٻڌجي وڃي ٿي. پر اهو تہ ڏاڍو بيزار ڪندڙ ڏينهن هيو. توهان رڳو اهو گهرو ٿا تہ توهان گهر وڃو ۽ مئن وانگر بستري تي پيا هجو. پر توهان جيئن ئي هنڌ تي ڪرندا آهيو. بد قسمتيءَ سان توهان جيئرا آهيو. گهر کي باهہ لڳي ٿي توهان پنهنجي ٿڪاوٽ ۽ سستي وساري ڇڏيو ٿا. ۽ گهڻو وقت انهيءَ باهہ کي وسائڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪيو ٿا.

شروع نہ ڪئي هئي. مان پاڻ انهيءَ جي شروعات ڪئي هئي. انهيءَ جو سبب اهو هيو جو بيماري جي ڪري رڳو مان چانهہ ئي پي سگهندو هوس. تنهنڪري چانهہ پيئڻ منهنجو نيم هيو. بيماريءَ جي ڪري مان سڄو ڪوپ چانهہ جو بہ پي نہ سگهندو هوس. مشڪل سان اڌ ڪوپ پيئندو هوس ۽ باقي بچيل چانهہ اتي ويٺل ماڻهن مان ڪونہ ڪو جهپڙ ڏيئي کسي ويندو هو. ماڻهن اجايو ڪٿي انهيءَ ڳالهہ کي پاڪائي جو درجو ڏنو هو. اهڙي طرح سارو ڏينهن اهو سلسلو هلندو هو. تنهنڪري مونکي سڄو ڏينهن چانهہ پيئڻي پوندي هئي. ماڻهو پاڻ چانهہ ڏاهيندا هئا ۽ مون کي ڪوپ ڏيندا هئا تہ جيئن مان اوپر ڪيان ۽ اهي انهيءَ اوپر کي پاڪ سمجهي پنهنجي درد جو درمان مان چاڻي پيئن" مان ان کي چيو "تون ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ اها بيوقوفي آهي هاڻي تون جيڪڏهن گهرين تہ مان توکي هتان ٻاهر وٺي هلان" ان چيو "سٺو تو چوين پائو! انهن جو ڀلو ٿي رهيو آهي. مان تہ انهن لاءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪيان، تنهن هوندي بہ انهن جو ڀلو ٿي رهيو آهي. مون کي ڪهڙو نقصان ٿو پهچي."

هو سچو ۽ سادو ماڻهو هيو. چوڻ لڳو "پنجاهہ سيڪڙو ماڻهن جو تہ ڀلو ٿي رهيو آهي نہ!!- اهي سڀ غريب ماڻهو آهن. اهي ڊاڪٽري علاج جا پئسا ڏيئي نٿا سگهن. اهي پنهنجي ڳوٺن مان علاج لاءِ وڏن شهرن جي اسپتالن ۾ وڃي نٿا سگهن. جيڪڏهن هتي انهن جي ڏکنجو علاج ٿي رهيو آهي ۽ هي ماڻهو شفاياب ٿي رهيا آهن تہ انهن کي ويساهہ رکڻ ڏي تہ مان ڀڳوان جو اوتار آهيان. مگر ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت اڪيلائي ۾ مان پاڻ بہ انهيءَ تي کلندو آهيان تہ ڇا جو ڀڳوان، ڇا جو اوتار، اڌ مفلوج. ڪجهہ کائڻ کان لاچار رڳو پتڙي غذا پي سگهان ٿو ۽ اهو پتڙو کاڌو هاڻي رڳو چانهہ تائين وڃي رهيو آهي!!"

ٻئي دفعي جڏهن ان ڏانهن ويس تہ هو مري رهيو هو. هن منهنجي ڪن ۾ چيو تہ "انهن ماڻهن کي سمجهاءِ تہ توهان خود اهي وسوسا ايجاد ڪيا هئا. توهان مون کي انڪار ڪرڻ جي بہ مهلت نہ ڏني. مان چوندو رهيس تہ مان ڀڳوان جو اوتار نہ آهيان. مگر توهان ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا"- مان هن کان سواءِ بہ ڪجهہ ماڻهن کي ڏٺو آهي. هي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ چريو تہ نہ هيو. رڳو بيمار هيو، ڪراڙو هيو. مان چريا ماڻهو ڏٺا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد
طوفان تازا آيل ڪتاب

مجاز کان حقيقت تائين
گرو رجنيش/ منير سولنگي
زندگيءَ جو سفر
ڊيل ڪارنيگي/ راحيل ناز
گهرائڻ لاءِ لکو:

آئيڊيل ڪتاب گهر
دڪان نمبر 4- سيد آرڪيڊ
گاڏي کاتو
حيدرآباد سنڌ.

جيئي سنڌ سنڌي ٻولي
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book